# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريہ 1991
# SINDH ORDINANCE NO.III OF 1991
# سنڌ ماليات (ترميم) آرڊيننس، 1991
# THE SINDH FINANCE (AMENDMENT) ORDINANCE, 1991

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعئات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

2. 1964 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XXXIV جي دفعہ 12 جي ترميم
Amendment of Section 12 of W.P Act XXXIV of 1964

3. 1975 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعہ 8 جي ترميم
Amendment of Section 8 of Sindh Act XV of 1975

# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريه 1991
# SINDH ORDINANCE NO.III OF 1991
# سنڌ ماليات (ترميم) آرڊيننس، 1991
# THE SINDH FINANCE (AMENDMENT) ORDINANCE, 1991

[26 فيبروري 1991]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ماليات ايڪٽ 1964 ۽ سنڌ ماليات ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ ماليات ايڪٽ 1964 ۽ سنڌ ماليات ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات Short Title and commencement

1.(1)هن آرڊيننس کي سنڌ مڻليئت (ترميم) آرڊيننس، 1991 سڏيو ويندو.

(2)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

1964 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXIV جي دفعه

2.سنڌ ماليات ايڪٽ، 1964 جي دفعه 12 ۾:

(i)ذيلي دفعه (2) کانپوءِ هيٺين نئين دفعه شامل ڪئي ويندي:

“(2-A)ذيلي دفعه (1) تحت واجب الادا سيس تي في 40

ڪلو گرام تي پندرنهن پئسا جي حساب سان سرچارج لڳائي ويندي ته جيئن سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1979 تحت جوڙيل ڪائونسل تحت جاري واٽر سپلاءِ ڊرينيج اسڪيمن جا خرچ پورا ڪري سگھجن."؛

(ii)ذيلي دفعه (3) ۾، لفظ "سيس" ۽ لفظ "واجب الادا" وچ ۾ لفظ "۽ سرچارج" شامل ڪيا ويندا.

3.سنڌ ماليات ايڪٽ، 1975 جي دفعه 8 ۾:

(i)ذيلي دفعه (1) کانپوءِ هيٺين نئين ذيلي دفعه شامل ڪئي ويندي:

"(1-A) ذيلي دفعه (1) تحت واجب الادا في تي في 100 ڪلو گرام تي پنجاهه پئسا جي حساب سان سرچارج لڳائي ويندي ته جيئن ڪائونسل طرفان جاري واٽر سپلاءِ ڊرينيج اسڪيمن جا خرچ پورا ڪري سگھجن."؛

(ii)ذيلي دفعه (2) ۾، لفظن ۽ انگن "ذيلي دفعه (1) تحت في" لاءِ لفظ "في ۽ سرچارج" متبادل هوندا؛

(iii)ذيلي دفعه (3) ۾، لفظن "في ۽" لاءِ لفظ ۽ ڪاما "في، سرچارج ۽" متبادل هوندا.

12 جي ترميم
Amendment of Section 12 of W.P Act XXXIV of 1964

1975 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعه 8 جي ترميم
Amendment of Section 8 of Sindh Act XV of 1975

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگھجي.**